

# تذکرو (سندھی)
# جانشینِ امیر اھلسنت
(قسط اول)

## مع
## 7 مدني بهارون

# تذڪرو جانشينِ امير اهلسنت (قسط اول)

# مع

# 7 مدني بهارون

پيشڪش

مرڪزي مجلس شوراٰي

(دعوتِ اسلامي)


**رابطي جي لاءِ:**

**مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ**

**محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net


www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت جي گهور فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!** (مستطرف ج 1 ص40 دار الفکربيروت)

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت



رسالي جو نالو: تذڪرو جانشين امير اهلسنت (قسط اول)

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن ڪي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

## ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# تذکرو جانشين امير اهلسنت (قسط اول)

## درود شريف جي فضيلت

حضرت سيدنا ڪعب الاحبار رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته: الله ڪريم حضرت سيدنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي ارشاد فرمايو: ڇا تون چاهين ٿو ته قيامت جي ڏينهن توکي اُڃ محسوس نه ٿئي؟ عرض ڪيائون: اي منهنجا پروردگار! ها مان اهو پسند ڪريان ٿو. ارشاد فرمايو: تون محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهندو ڪر.

(القول البديع، ص. 264)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نئي زندگي ڪيئن ملي؟

مدني چينل جي ڊائريڪٽر جواد عطاري مدني چينل جي سلسلي ”مدني انقلاب“ جي ريڪارڊنگ جي لاءِ هڪ ڀيرو صوبه پنجاب (پاڪستان) جي مشهور شهر ”راولپنڊي“ پهتو. اتي ان جي ملاقات هڪ اهڙي اسلامي ڀاءُ سان ٿي جيڪو معدي جي ڪينسر ۾ مبتلا هو.

علاج جي لاءِ ڪيترا ڀيرا آپريشن به ڪرائي چڪو هو پر مرض ته ختم ٿيڻ جو نالو ئي نه وٺي رهيو هو. آخري ڀيرو جڏهن ان کي آپريشن جو چيو ويو ته مرض ايتري قدر شدت اختيار ڪري چڪو هو جو ڊاڪٽرن جي مطابق بچڻ جو امڪان نه هجڻ جي برابر هو ڇو ته ڪينسر معدي ۾ 95 فيصد تائين پنهنجون پاڙون مضبوط ڪري چڪو هو. ڊاڪٽرن آپريشن ڪيو، آپريشن جي دوران زخم جي ڦاٽي پوڻ جي سبب سان معدو ئي ڪڍيو ويو ۽ ان جي جاءِ تي نقلي معدو (Colostomy Bag)

لڳايو ويو. ڊاڪٽر منهنجي زندگي مان ايترو نااميد هئا جو گهر وارن کي تاڪيد ڪري ڇڏي هئي ته جيستائين تي سگهي ان جي هر خواهش پوري ڪئي وڃي البت وزني ۽ دير سان هضم ٿيڻ وارين غذائن کان پاسو ڪرايو وڃي. ان اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته هاڻي منهنجي زندگي موت جي انتظار ۾ گذري رهي هئي. اهڙي ۾ بس هي خواهش هئي ته جڏهن لحد (قبر) ۾ وڃان ته چهري تي سنت جي مطابق ڏاڙهي سجايل هجي پر ايئن ممڪن نه هو ڇو ته ڪينسر جي سبب سان منهنجي ڏاڙهي، ڀرون ۽ پنيڙن سميت سڄي جسم جا وار ڇڻي چڪا هئا.

الله ڪريم جو مون تي ڪرم ٿيو ۽ جانشينِ امير اهلسنت حضرت مولانا ابو اُسيد عبيد رضا عطاري مدني دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة سان ملاقات جي صورت بڻجي وئي. مان ان وقت ايترو بي بس ۽ مفلوج ٿي چڪو هئس جو چار اسلامي ڀائر مون کي کڻي ان جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. جانشينِ اميراهلسنت جي خدمت ۾ مون ڏاڙهي جي متعلق پنهنجي آرزو بيان ڪئي. پاڻ ڪمال شفقت جو مظاهرو ڪندي منهنجو مٿو پنهنجي هنج ۾ رکيو ۽ ڪجهه دم ڪرڻ لڳا، دم ڪندي وقت پاڻ پنهنجي ڏاڙهي ۽ زلفن کي چوهندا ۽ هٿ منهنجي چهري ۽ مٿي تي ڦيريندا. ڪجهه دير تائين ايئن ئي ڪندا رهيا. رخصت جي وقت مون کي صحت ۽ تندرستي سان گڏ ڪوڙ دعائن سان به نوازيو. ملاقات کان پوءِ حيرت انگيز طور مون کي قلبي سڪون نصيب ٿيو. جڏهن گهر آيس ته مون پايا(پاوا) کائڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو. گهر وارا هي بڏي پريشان ٿيا ڇو ته مون کي وزني غذائون کائڻ کان ڊاڪٽرن منع ڪري رکيو هو پر قريب المرگ(مرڻ جي ويجهو) گمان ڪري انهن منهنجي خواهش پوري ڪري ڇڏي. مون پيٽ ڀري ماني کاڌي ۽ اها هضم به ٿي وئي. صبح اٿيس ته هشاش بشاش هُئس. جانشينِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي دم جي برڪت سان منهنجي طبيعت به درست ٿيڻ لڳي جڏهن ته مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار به ڦٽڻ لڳا. ڪجهه عرصي کان پوءِ ڇڏهن چيڪ اپ جي لاءِ

ڊاڪٽر وٽ ويس تہ منهنجي مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار ڏسي ڪري ڊاڪٽر صاحب سمجهيو تہ شايد مون نقلي وار لڳرايا آهن چوڻ لڳو: ڇا تو وِگ لڳرائي آهي؟ مون چيو: نہ! هي تہ منهنجا اصلي وار آهن. پوءِ مون ڊاڪٽر صاحب کي جانشينِ امير اهلسنت کان دم ڪرائڻ وارو واقعو ٻڌايو. جنهن تي ڊاڪٽر صاحب ڏاڍو حيران ٿيو ۽ چيائين: ڪينسر کان پوءِ ايتري جلدي وارن جو اچڻ حيرت جي ڳالهہ آهي.

هي بيان ڏيندي وقت ان اسلامي ڀاءُ جي چهري تي نہ صرف سنت جي مطابق هڪ مُٺي ڏاڙهي شريف هئي بلڪ مٿي جا وار بہ موجود هئا. ڏسڻ ۾ بہ چڱو ڀلو ۽ صحت مند لڳي رهيو هو. پاڻ گاڏي هلائي ڪري ۽ پنهنجي قدمن تي هلندي ان جڳهہ پهتو هو. ان جي حسنِ ظن جي مطابق ان کي هي ”نئي زندگي“ جانشينِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي دم ۽ ان جي ملاقات جي برڪت سان ئي ملي آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله ڪريم جو پاڪ ڪلام يا ٻيا نيڪ ۽ جائز ڪلمات پڙهي ڪري دم ڪرڻ ۽ ڦوڪڻ بهترين روحاني علاج آهي. پاڻ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت امامِ حسن ۽ حضرت امامِ حسين رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا تي ڪجهہ ڪلمات پڙهي ڪري ڦوڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ توهان جا ڏاڏا حضرت ابراهيم عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بہ حضرت اسماعيل ۽ حضرِت اسحاق عَلَيْهِمَا السَّلَام تي پڙهي ڪري دم ڪندا هئا.

**(بخاري، ڪتاب احاديث الانبياء، ج. 2، ص. 429، حديث 3371)**

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي جي مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ جي تحت سڄي دنيا ۾ روزانو پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکايل امت جي غمخواري جي لاءِ في سبيل الله تعويذات ۽ اورادِ عطاريہ ڏنا ويندا آهن. جنهن جي برڪت سان ڪيترائي اسلامي ڀائر مختلف مرضن کان شفاياب ٿيندا آهن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! مشهور آهي تہ پُٽ پيءُ جي نقشِ قدم تي هلندو آهي. روحاني ڪمالات سان متصف، خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفٰي جي پيڪر، دل کي وڻندڙ شخصيت. عالمِ باعمل، جانشينِ امير اهلسنت، مبلغ دعوتِ اسلامي، حضرت مولانا حاجي ابو اسيد عبيد رضا عطاري مدني دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه بلاشبہ پنهنجي والد گرامي شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي هلندڙ ڦرندڙ تصوير آهن. پاڻ علم ۽ عرفان، زهد ۽ تقوٰي، اخلاص ۽ للّهيت، صدق ۽ وفا، صبر ۽ رضا، حسنِ اخلاق ۽ حسنِ معاشرت جهڙين بلند صفات ۾ يادگارِ اسلاف آهن. مضبوط قفلِ مدينہ، دورانِ گفتگو مسڪراهٽ، خوش اخلاقي ۽ لباس ۾ سادگي اُوهان جا ڪجهہ نمايان اوصاف آهن. مختصر تعارف ملاحظہ ڪريو.

## تعارف جانشينِ امير اهلسنت

جانشينِ اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو نالو ”احمد“ آهي جڏهن تہ عرف ”عبيد رضا“ آهي. سندن ڪنيت ابو اسيد آهي. 17 شوال المڪرم 1400 ھ بمطابق 31 آگسٽ 1980ء تي باب المدينہ ڪراچي ۾ سندن ولادت ٿي. امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي تربيت جي نتيجي ۾ ننڍپڻ کان ئي نمازن جا پابند آهن. چو نہ هجن جو ان جا بابا جان امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه انهن کي کهڙي پياري انداز ۾ نمازِ تهجد جي لاءِ بيدار فرمائيندا جيئن تہ

## تهجد پڙهائڻ جو نرالو انداز

دعوتِ اسلامي کان اڳ جي ڳالهہ آهي تہ هڪ ڀيري امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه مدني ڪمن جي مصروفيت جي ڪري رات دير کان ڪجهہ اسلامي ڀائرن سان گڏ ڪتاب گهر (يعني پنهنجي لائبريري) ۾ ويهتا تہ اتي عبيد رضا عطاري سُتل هئا، جڏهن تہ ان وقت تمام گهڻو

نَنڍا هئا. امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن فرمايو: هن کي تهجد پڙهائڻ گهرجي ۽ مدني مُنّي کي بيدار ڪرڻ چاهيو پر اهي ننڊ جي غلبي جي سبب کان پوري طرح بيدار نه ٿي سگهيا. امير اهلسنت انفرادي ڪوشش فرمائيندي مدني مُنّي کي هنج ۾ کڻي کليل آسمان جي هيٺان کڻي ويا ۽ چنڊ ڏيکاري پڇيو: هي ڇا آهي؟ مدني مُنّي جواب ڏنو: چنڊ. پوءِ پڇيو: هي ڇا ڪري رهيو آهي؟ مدني مُنّي جواب ڏنو: گنبدِ خضرٰي کي چمي رهيو آهي. ان گفتگو دوران مدني مُنّو پوري طرح بيدار ٿي چڪو هو ته پوءِ اوهان وضو ڪري تهجد پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## طالبِ علمي جو زمانو

اوهان جي ڪلاس فيلو هڪ مدني اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته جانشينِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه استادن جو بي حد ادب ۽ احترام ڪرڻ وارا هئا. ايتري وڏي علمي ۽ روحاني شخصيت جا فرزند(پٽ) هجڻ جي باوجود ڪلاس ۾ امتيازي حيثيت سان رهڻ پسند نه فرمائيندا هئا. سيني اسلامي ڀائرن سان گڏ ملي جلي ڪري رهندا هئا. طهارت ۽ نظافت جي معاملي ۾ به پنهنجي مثال پاڻ هئا.

انهيءَ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته جيسيتائين سڪيورٽي خدشات نه هئا تيسيتائين سنتن ڀريي بيانن ۽ مدني مشورن جي لاءِ ڪٿي به وڃڻو پوندو هو ته بس يا ٽرين ۾ ئي سفر ڪي پسند فرمائيندا هئا. حتي الامڪان پروٽوڪول کان بچندا هئا.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## درسِ نظامي جي تڪميل

جانشينِ امير اهلسنت حضرت مولانا عبيد رضا عطاري مدني

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة 2005ء ۾ دعوتِ اسلامي جي جامعة المدينہ مان درسِ نظامي يعني عالم ڪورس مڪمل ڪيو. انهي جي لاءِ اوهان جي نالي سان گڏ ”مدني“ لڳايو ويندو آهي. درسِ نظامي جي تڪميل کان پوءِ ڪجھ عرصو ڪڏهن ڪڏهن دار الافتا اهلسنت ۾ مفتي صاحب وٽ حاضر ٿيندا ۽ ان دوران اتي ڪجھ فقهي اسباق بہ پڙهيا.

## نيڪي جي دعوت جو سفرءِ مڪي مديني جي حاضري

جانشينِ اميرِ اهلسنت نہ صرف پاڪستان جي مختلف شهرن بلڪ، هند، نيپال، سري لنڪا، جرمني، اسپين، ساؤٿ افريقہ، بنڪاڪ، ڪينيا، عمان، عرب شريف وغيره ڪيترن ئي ملڪن ۾ سنتن پريا بيانات ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي سلسلي ۾ سفر فرمايو. ڪيترائي ڀيرا حج جي سعادت حاصل ٿي. تادمِ تحرير آخري ڀيرو 12 سيپٽمبر 2017 تي حج جي سعادت حاصل ڪئي. ڪيترائي ڀيرا عمري جي سعادت بہ حاصل ڪري چڪا آهن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ملنساري (خوش اخلاقي)

جانشينِ امير اهلسنت مَاشَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ننڍپڻ کان ئي ملنسار آهن. عام طور تي ٻار گهر اچڻ وارن مهمانن جي ويجهو ناهن ايندا پر پاڻ امير اهلسنت جي ملنساري واري صفت مان خوب حصو ماڻيو آهي جيئن تہ ننڍپڻ ۾ پهرين ڀيري گهر اچڻ وارن مهمانن سان ائين ملي جلي ويندا جڻ پهريان کان سڃاڻيندا هجن. جيئن تہ هڪ واقعو ملاحظ فرمايو.

هي انهن ڏينهن جي ڳالھ آهي جڏهن امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة باب المدينہ (ڪراچي) جي علائقي موسيٰ لين ۾ رهائش پذير هئا. ان وقت شهزاده عطار حضرت مولانا عبيد رضا عطاري مدني جي عمر 4 يا 5

سال هئي. هڪ ڀيري باب الاسلام (سنڌ) ڪان هڪ گهڻو سنجيده طبيعت اسلامي ڀاءُ، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة سان ملاقات جي لاءِ اوهان جي گهر پهتا. اڃان اهي اسلامي ڀاءُ ويٺا ئي هئا ته جانشينِ امير اهلسنت ان وٽ پهچي ويا ۽ نهايت پنهنجائپ واري انداز ۾ ان سان ڪَيڏڻ لڳا، ان تي ان اسلامي ڀاءُ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة کي عرض ڪيو: اوهان جو مدني منّو ته مون سان پهرين ملاقات ۾ ئي مانوس ٿي ويو آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عاجزي وانڪساري

جانشينِ امير اهلسنت سان گڏ پڙهڻ واري مدني اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: هڪ ڀيري اسان ڪجهه اسلامي ڀائر جانشينِ امير اهلسنت حضرت مولانا عبيد رضا عطاري مدني دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة سان گڏ هڪ جڳهه جمع ٿياسين، جتي رات گذارڻي هئي. اسلامي ڀائرن جي تعداد جي اعتبار سان جڳهه ايتري گهٽ هئي جو بسهولت آرام نه پيا ڪري سگهياسين. چوندا آهن ته ننڊ ته ڪنڊي تي به اچي ويندي آهي بالآخر جيئن تيئن ڪري اسان سمهي وياسين. جڏهن رات ۾ اسان جي اک کلي ته هي ڏسي ڪري حيران رهجي وياسين ته جانشينِ امير اهلسنت دروازي جي ويجهو بچي ويل ٿورڙي جڳهه ۾ سمٽجي آرام فرمائي رهيا هئا. جڏهن به هي واقعو ياد ايندو آهي ته هي چوڻ جو دل چاهيندو آهي ته جانشينِ امير اهلسنت واقعي تربيتِ عطار جا شاهڪار آهن.

منا منا اسلامي ڀائرو! عاجزي ۽ انڪساري تمام سٺي صفت آهي. هي انسان کي نه صرف فضيلت بخشيندي آهي بلڪ ان کي عظمت ۽ رفعت جي اعلٰي مقام تي پهچائي ڇڏيندي آهي. بظاهر عاجزي ڪرڻ وارو اسان جي نظرن ۾ جهڪي رهيو هوندو آهي پر حقيقتًا الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ان جا مرتبا بلند ٿي رهيا هوندا آهن. چو نه ٿين جو اسان

جي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن الله پاڪ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪئي الله پاڪ ان کي بلندي عطا فرمائي ڇڏيندو آهي.
(مجمع الزوائد، ج. 8، ص. 157، حديث 13067)

حضرت سيدنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائيندا آهن: عاجزي ڪرڻ واري جي لاءِ فرشتا بلندي جي دعا ڪندا آهن. عاجزي ڪرڻ وارا قيامت جي ڏينهن منبرن تي ويٺا هوندا. الله پاڪ پنهنجي محبوب ٻانهن کي ئي عاجزي جي صفت عطا فرمائيندو آهي. عاجزي ڪرڻ وارن کي ستن آسمانن تائين بلندي عطا ڪئي ويندي آهي. عاجزي ڪرڻ واري تي الله پاڪ رحم فرمائيندو آهي. (احياءُ العلوم، ج. 3، ص. 999 - 1002)

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائيندا آهن: تواضع (عاجزي) اختيار ڪريو ۽ مسڪينن سان گڏ ويهندا ڪريو، الله ڪريم وٽ وڏي مرتبي وارا ٻانها ٿيندا ۽ تڪبر کان بہ آزاد ٿي ويندؤ.
(ڪنز العمال، ج. 2، ص. 49، حديث 5722)

اسان کي بہ عاجزي ۽ انڪساري اپنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

پنهنجي اندر عاجزي ۽ انڪساري جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شائع ڪيل ڪتاب ”نجات ڏيارڻ وارن عملن جي معلومات“ جو مطالعو ڪريو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## موئي مبارڪ جوادب

بزرگانِ دين سان محبت ۽ ان جي تبرڪات جو ادب ۽ احترام اوهان کي ورثي ۾ مليو آهي. جانشينِ اميرِ اهلسنت وٽ موئي مبارڪ هئا، جن جي ادب ۽ احترام جي پيشِ نظر اوهان پنهنجي مڪان جي ڇت تي هڪ خصوصي بڪس (box) ٺهرايو هو جنهن ۾ موئي مبارڪ جلوه گر

رهندا هئا. ڪڏهن ضرورت جي سبب پاڻي جي ٽنڪي (جيڪا ان بڪس ڪان مٿي هئي) ۾ جهانڪڻو پوندو ته جانشينِ اميرِ اهلسنت ڪي هي ڳالهه پسند نه هوندي هئي ته ٽنڪي ۾ جهانڪڻ جي لاءِ مان موئي مبارڪ جي مٿان چڙهي وڃان، انهي لاءِ اوهان موئي مبارڪ جو بڪس مٿي تي رکندا ۽ پوءِ ڏاڪڻ تي چڙهي ڪري پاڻي جي ٽنڪي ڏسڻ ويندا.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اکين جو قفلِ مدينه

جانشينِ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي عادت آهي ته حتي الامڪان نه صرف نگاهون هيٺ رکندا آهن بلڪ بلا ضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ کان بچندي اکين جي قفلِ مدينه جي ترڪيب فرمائيندا آهن.

هڪ ڀيرو هڪ عيسائي پادري پنهنجي زال سان گڏ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ اوهان جي دستِ حق پرست تي پنهنجي زال سان گڏ مسلمان ٿي ويو. ان وقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة وٽ جانشينِ اميرِ اهلسنت به تشريف فرما هئا. ان نئين مسلمان عيسائي پادري جو بيان آهي ته مون کي خواب ۾ اوهان جي نشاني ٻڌائي وئي هئي ته عطار نگاهون هيٺ رکڻ وارو هوندو. مان اوهان جي باري ۾ علم نه هجڻ جي سبب اوهان جي ڪيترن ئي مخالفن وٽ به هليو ويس پر جتي به ويندو هئس اهو مون کان وڌيڪ منهنجي زال کي ڏسندا هئا، اوهان وٽ آيو آهيان ته هتي نظام ئي الڳ آهي، اوهان ته اوهان، اوهان جو پٽ به نگاهون هيٺ رکڻ وارو آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نگرانِ شورٰي جا تاثرات

عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس شورٰي جي نگران حضرت مولانا حاجي ابو حامد محمد عمران عطاري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو بيان آهي: مان سالن کان ان جي پاڙي ۾ رهيو آهيان ۽ صحبت بہ ڪافي حاصل ڪئي آهي. مون ان کي اللّٰه پاڪ کان ڊڄڻ ۽ ڪثرت سان توبهہ ڪرڻ وارو ڏٺو آهي، پڻ طهارت ۽ حرام ۽ حلال جي معاملن ۾ حد کان وڌيڪ احتياط جي حوالي سان هي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي تربيت جا شاهڪار آهن. والدين جي اطاعت جي جذبي جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي! جيئن ئي ان جي علم ۾ ايندو آهي تہ فلان ڳالهہ امير اهلسنت فرمائي آهي فورًا ان تي عمل شروع ڪري ڇڏيندا آهن. صبر و تحمل ۽ تڪليف جي اظهار کان بچڻ واري عظيم صفتن سان مالامال آهن. مدني انعامات جا تہ اهڙا عامل آهن جو روزانو فڪرِ مدينہ ڪرڻ جي ڪوشش فرمائيندا آهن. مدني ڪمن جي اهڙي ڌُن آهيَ جو پنهنجي بيانن ۽ مدني مشورن ۾ دعوتِ اسلامي جي 12 مدني ڪمن جي خوب ترغيب ڏياريندا آهن. ان جي علاوه اوهان هر مهيني مرڪزي مجلس شورٰي جي سيني اراڪين کان مدني انعامات ۽ مدني قافلن جي ڪارڪردگي بہ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سعادت مند پُٽ

پهرين جمادَي الاُخرٰي 1439 هجري جي رات عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ (باب المدينہ) ۾ عظيم الشان مدني مذاڪرو ٿيو، جنهن ۾ شيخ طَريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني ڪمن جي ترقي ۽ بيِن ديني فائدن جي پيشِ نظر عمامي شريف جي رنگن ۾ توسيع جو اعلان فرمايو. دوران مدني مذاڪره امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪجهہ هيئن فرمايو: مان اڇي رنگ جو عمامو شريف ٻڌي ڪري وينو هئس تہ حاجي

عبيد رضا اچي ويا، انهن منهنجي عمامي شريف جو رنگ تبديل ڏسي ڪري اهڙي طرح جو ڪو سوال نہ ڪيو تہ هي ڇا آهي؟ هي ڇو ٿيو؟ هي ڇو ٿيو؟ بس چپ چاپ اچي ويهي رهيا، ڄڻ ڪجهہ ٿيو ئي ناهي. مون ڪاري رنگ جي عمامي جو ذڪر ڪيو تہ چوڻ لڳو: مون وٽ ڪاري رنگ جو عمامو آهي، پوءِ گهر ويا ۽ پنهنجو چوڏنهن سال پراڻو ڪاري رنگ جو عمامو شريف کڻي آيا. جڏهن عمامي شريف جي رنگ ۾ توسيع جي متعلق مدني گلدستو ٻڌڻ لڳو تہ هي بہ عمامو شريف بدلي ڪري ويهي رهيا. هي منهنجي پُٽ جي سعادت مندي آهي جو منهنجي چوڻ جي بغير صرف عمامو شريف ڏسي ڪري پنهنجو عمامو شريف تبديل ڪري ڇڏيو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جانشينِ امير اهلسنت جو آپريشن

7 نومبر 2014 نمازِ عشاء کان پوءِ جانشينِ اميرِ اهلسنت جو زم زم نگر حيدرآباد جي هڪ مقامي اسپتال ۾ پتري جو آپريشن ٿيو. آپريشن ۾ شريڪ ڊاڪٽر نظام احمد عطاري جو بيان آهي تہ جانشينِ اميرِ اهلسنت کي مڪمل بيهوش نہ بلڪ ڪجهہ گهٽ بيهوش ڪيو ويو هو، ان ڪيفيت ۾ انسان جي وات مان اڪثر اهي ئي ڳالهيون نڪرنديون آهن، جيڪي ان جي دل ۽ دماغ ۾ ويٺل هجن. ڪيترائي ماڻهو اهڙي حالت ۾ ڳانا ڳائيندا آهن، ڪجهہ گاريون بہ ڏيندا آهن ۽ ڪيترائي پيرا پيا حالات بہ ڏسڻ ۾ ايندا آهن پر اسان جانشينِ اميرِ اهلسنت کي اهڙي حالت ۾ ڏٺو تہ اوهان مسلسل ذڪر الله شريف ڪري رهيا آهن ۽ اوهان جي زبان تي الله الله جو ورد جاري آهي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قبلي جو احترام

انهيءَ ڊاڪٽر صاحب جو بيان آهي ته جانشينِ امير اهلسنت کي آپريشن ٿيٽر کان ڇڏهن وارڊ ۾ منتقل (Shift) ڪرڻ جي لاءِ اسٽريچر تي ٻاهر آندو ويو ان وقت اوهان گهڻ بيهوشي جي حالت ۾ هئا، پر اهڙي حالت ۾ به اوهان اسان جي توجهه ڏياريندي چيو ته منهنجا پير قبلي جي طرف آهن، اسٽريچر ڦيرائي ڇڏيو، اسان سڀ حيران رهجي وياسين ته هن حالت ۾ اوهان کي قبلي جي طرف جو ڪيئن علم ٿيو! اسان جلد ئي اسٽريچر ڦيرايو ۽ اوهان جو متو قبلي جي طرف ڪري ڇڏيو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته ڪٿي ويهي ڪري پير ڦيلائڻ يا ليٽڻ جي صورت ۾ اسان جا پير قبلي جي طرف نه هجن، قبلي جو احترام اسان سڀني تي لازم آهي. ياد رهي! ”با ادب با نصيب بي ادب بي نصيب“

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## آپريشن جي رات تهجد جي ادائگي

آپريشن کان پوءِ جنهن اسلامي ڀاءُ جي گهر جانشينِ امير اهلسنت قيام فرمايو ان جو بيان آهي: جنهن رات جانشينِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو آپريشن ٿيو اوهان نه صرف نمازِ عشاء پڙهي بلڪ انهي رات تهجد جي نماز به ادا فرمائي. ان جو مزيد بيان آهي ته اوهان دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جيترا ڏينهن اسان جي گهر ۾ رهيا بيماري جي باوجود اوهان جي ڪا هڪ فرض نماز به قضا نه ٿي هئي.

سبحن اللّٰه! مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ هڪ تعداد آهي ته جنهن کي معمولي ڏڪ لڳي وڃي يا مٿي ۾ سور ٿي وڃي ته جماعت بلڪ نماز ئي قضِا ڪري ڇڏيندا آهن. اهِڙي طرح معمولي طبيعت خراب ٿيڻ تي

ڇڻ انهن کي فرض روزه نہ رکڻ جو بهانو ملي ويندو آهي.. ياد رهي! جيسيتائين شريعت اجازت نہ ڏئي اسان پاڻ بهانا ٺاهي ڪري فرض نماز يا فرض روزه نہ ٿا ڇڏي سگهون. ٿورو سوچيو! اڄ جيڪڏهن اسان کان معمولي ڏک يا هلڪي بيماري جي تڪليف بہ برداشت نٿي ٿي سگهي تہ نماز يا روزه ڇڏڻ جي صورت ۾ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن جهنم جو هولناڪ عذاب ڪيئن برداشت ڪري سگهنداسين. اللّٰہ پاڪ اسان کي عقلِ سليم عطا فرمائي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نزع جي سختين جو تصور

ان ئي اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ اسان کي رات جي وقت گهر ۾ روئڻ جي آواز محسوس ٿي. مون سمجهيو تہ ٻار روئي رهيا آهن. غور ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ آواز گهر جي مٿان واري حصي مان اچي رهي آهي جتي جانشينِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو قيام آهي. مان اتي پهتس ۽ دروازو کٽڪايو، اجازت ملڻ تي جڏهن اندر ويس تہ ڏٺو تہ جانشينِ امير اهلسنت زار و قطار روئي رهيا آهن. مون عرض ڪيو: حضور! اوهان ڇو روئي رهيا آهيو؟ فرمايائون: مان ان سبب کان روئي رهيو آهيان تہ اڄ دنيا جي تڪليف جو هي عالم آهي تہ نزع جي سختين، قبر جي عذاب ۽ حشر جي هولناڪين جو ڇا عالم هوندو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪاش! اسان بہ هن انداز تي فڪرِ مدينہ ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، قبر ۽ حشر جا معاملا هر وقت اسان جي پيشِ نظر رهن. نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو عطا ڪيل شريعت ۽ طريقت جو جامع مجموعو بنام "مدني انعامات" جو رسالو پاڻ وٽ رکون ۽ ڏينهن ۾ ڪو

هڪ وقت مقرر ڪري پابندي سان ان ۾ ڏنل خانا پريو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ رحمتِ الٰهي اوهان جي طرف متوجهه ٿيندي ۽ اوهان جي دنيا ته دنيا آخرت به سنورجي ويندي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خلافت ۽ جانشيني جو باقاعده اعلان

اوهان سلسله عاليه قادريه رضويه عطاريه ۾ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان بيعت آهن. امير اهلسنت 11 ربيع الاخر 1437 هجري مطابق 22 جنوري 2016ء تي مدني مذاڪري جي دوران اوهان کي پنهنجي سلسلن جي خلافت ڏيڻ ۽ جانشين بڻائڻ جو باقاعده اعلان فرمايو. ان موقع تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اوهان کي مسلڪِ اعلي حضرت تي مضبوطي سان پابند رهڻ ۽ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس شورٰي جي ماتحت رهي ڪري مدني ڪم ڪرڻ جي وصيت فرمائي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ لک روپي جو چيڪ موٽائي ڇڏيو

امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو گهراڻو دنياوي مال کان ڪيتري قدر پنهنجو دامن بچائيندو آهي ان جو اندازو هن ڳالهه مان لڳايو ته پنهنجي شادي جي موقع تي جانشينِ امير اهلسنت اسلامي ڀائرن کي مالي تحفي ڏيڻ کان منع فرمائي ڇڏيو، ان جي باوجود جڏهن هڪ اسلامي ڀاءُ امير اهلسنت جي بارگاهه ۾ جانشينِ امير اهلسنت جي لاءِ 100000/= (هڪ لک روپيه) جو چيڪ بطور تحفو موڪليو ته امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه شڪريي سان گڏ واپس ڪندي تحريري پيغام موڪليو ته براءِ ڪرم! ٻيهر ان جي لاءِ اصرار نه فرمايو. ان کان پوءِ چيڪ ڏيڻ واري اسلامي ڀاءُ جي گهر وارن جي طرف کان امير اهلسنت جي گهر ان جي وڏي ڀيڻ

وٺ هڪ لک روپيه پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر اتي به انهن ڪي مايوسي ٿي جو ته انهن به رقم وٺڻ کان معذرت ڪري ڇڏي ۽ شڪريي سان گڏ پيسا واپس ڪري ڇڏيا. امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِيَہ جي پيڻ جو چوڻ آهي ته جڏهن مان حاجي عبيد رضا کي 100000 روپي جي تحفي جي باري ۾ ٻڌايو ته جانشينِ امير اهلسنت ٻڌايو: چيڪ جي سوغات سڀ کان پهريان مون وٽ ئي پهتي هئي پر منهنجي انڪار ڪرڻ تي ئي ان بابا جان، پوءِ اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پسند جو تحفو

عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شورٰي جي نگران حضرت مولانا حاجي ابو حامد محمد عمران عطاري دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِيَہ ٻڌايو ته مون کي ڪيترن ئي مخير حضرات جي فون آئي جن جو ڪروڙن جو ڪاروبار آهي ته اسان جانشينِ اميرِ اهلسنت جي خدمت ۾ ان جي پسند جو تحفو پيش ڪرڻ چاهيون ٿا، مهرباني ڪري اوهان ان کان معلوم ڪري ٻڌايو. جڏهن مون جانشينِ اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِيَہ جي بارگاهه ۾ تحفي جي متعلق عرض ڪيو ته انهن منع ڪندي فرمايو: جيڪڏهن اهي مون کي ڪجهه ڏيڻ ئي چاهين ٿا ته مدني انعامات تي عمل ۽ مدني قافلي ۾ سفر ڪري ان جي ثواب جو تحفو ڏين.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 7 مدني بهارون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هتي جانشينِ اميرِ اهلسنت جي بيانن، انفرادي

ڪوشش ۾ دم وغيره جون مدني بهارون ذڪر ڪيون پيون وڃن.

## (1) اکين جو سور ويندو رهيو

باب المدينہ ڪراچي جي علاقي قيوم آباد جي مقيم اسلامي ڀاءُ 8 سالن جي عمر ۾ اکين جي سور ۾ مبتلا ٿي ويو. ڪڏهن ڪڏهن تہ سور ايترو وڌي ويندو هو جو اهو تڙپڻ لڳندو هو. اکين جي ڪيترن ئي ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايو پر فائدو نہ ٿيو بالآخر ڊاڪٽرن ان کي لا علاج قرار ڏئي ڇڏيو. اهڙي طرح 7 سال گذري ويا. ان ڪنهن اسلامي ڀاءُ کان ٻڌو تہ فلان ڏينهن جانشينِ اميرِ اهلسنت حضرت مولانا عبيد رضا عطاري مدني عاشقانِ رسول سان ملاقات فرمائيندا آهن. اهو اسلامي ڀاءُ بہ دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ پهچي ويو. ملاقات جي وقت عقيدت مندن جي ڊگهي قطار هئي. ان سوچيو تہ شايد اڄ دم ۾ دعا ڪرائڻ جو موقعو نہ ملندو. اڳين ئي لمحي هن خيال همت ڏياري تہ جيڪو عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ۾ ايندو آهي الله پاڪ جي رحمت سان مرادون حاصل ڪري ويندو آهي. هي قطار ۾ بيهي ويو ۽ آهستہ آهستہ جانشينِ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ويجهو پهچي ويو. ان جانشينِ اميرِ اهلسنت سان پنهنجي بيماري جو ذڪر ڪيو تہ پاڻ ان جي اکين تي دم ڪري ڇڏيو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلّ دم جي برڪت سان هٿو هٿ ايئن ظهور ٿيو تہ سور گهٽ ٿيندي ٿيندي بالڪل ختم ٿي ويو. هي بهار بيان ڪرڻ وقت ان جي عمر 17 سال ٿي چڪي آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلّ ان جي اکين ۾ ٻيهر سور نہ ٿيو. هن وقت نگران ذيلي مشاورت جي حيثيت سان دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ ڪوشش فرمائي رهيا آهن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (2) فلمن ڊرامن جو شوقين نمازي بڻجي ويو

چڪ 66 ج ب دهاندره سردار آباد (فيصل آباد) جي هڪ اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان برن دوستن جي صحبت ۾ گرفتار هو، فلمون، ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻڌڻ جو شوقين هو، ان کان علاوه بہ ڪيترن ئي ڪبيره گناهن ۾ مبتلا هو. ان جي قسمت جو ستارو ايئن چمڪيو جو هڪ ڀيرو سردار آباد (فيصل آباد) جي هفتہ وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ جانشينِ اميرِ اهلسنت حضرت مولانا عبيد رضا عطاري مدني دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو سنتن ڀريو بيان هو. ان جي علاقي جي هڪ اسلامي ڀاءُ ان تي انفرادي ڪوشش ڪندي هن اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، جيڪا ان قبول ڪري ورتي ۽ ان ۾ شرڪت تي رضا مند ٿي ويو. اجتماع ۾ جانشينِ اميرِ اهلسنت سنتن ڀريو بيان فرمايو. بيان ٻڌي ڪري اهو اسلامي ڀاءُ خوفِ خدا کان روئڻ جهڙو ٿي ويو ايئن ڳوڙهن جي صورت ۾ دل جو مير نڪرڻ لڳو. اجتماع کان پوءِ جانشينِ اميرِ اهلسنت سان ملاقات جو شرف بہ حاصل ٿيو. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة قفلِ مدينہ لڳائڻ، باعمل بڻجڻ ۽ تهجد جي نماز پابندي سان پڙهڻ جي ترغيب ڏني جنهن ڪي ٻڌي ان ۾ نيڪ بڻجڻ جو جذبو پيدا ٿيو، ان گذريل گناهن ڀري زندگي کان توبهہ ڪئي ۽ سنتن جي چانو ۾ زندگي گذارڻ شروع ڪري ڇڏي. نمازن جو پابند ٿي ويو، هفتہ وار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪرڻ لڳو ۽ حليو بہ سنت جي مطابق ڪري ڇڏيو. بهار بيان ڪرڻ وقت نگرانِ حلقہ مشاورت جي حيثيت سان دين جي خدمت جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن.

منا منا اسلامي ڀائرو! جيڪو جيتري قدر پرهيزگاري جي صفت سان متصف هوندو آهي، ان جي زبان ايتري قدر پُر تاثير هوندي آهي. جڏهن اهڙي زبان مان نيڪي جي دعوت ڏني ويندي آهي تہ ٻڌڻ وارن ۾ مدني انقلاب پيدا ٿي ويندو آهي. ان کان نہ صرف بي عمل ماڻهو عمل جي

طرف راغب ٿيندا آهن بلڪ گناهن جي تاريڪين ۾ ڀٽڪڻ وارا بہ تائب ٿي ڪري سنتن جي راهہ تي گامزن ٿي ويندا آهن. تنهنڪري اسان کي پرهيزگاري جي خوشبو سان معطر ٿيڻ جي لاءِ ”مدني انعامات“ جو رسالو روزانو پڙهڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي، ان جي برڪت سان جتي پنهنجي اصلاح جو سامان هوندو، اتي الله چاهيو تہ زبان جي تاثير بہ حاصل ٿيندي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (3) پنجن پائرن ڏاڙهي سجائي ڇڏي

تحصيل صفدر آباد (ضلع شيخو پوره) جي مقيم اسلامي ڀاءُ 2004 ۾ سردارآباد (فيصل آباد) ميڊيڪل جي شعبي سان وابستہ هو، هڪ دعوتِ اسلامي جو مبلغ روزانو ان تي انفرادي ڪوشش ڪندو هو، ان کي سلسلہ عاليہ قادريہ عطاريہ ۾ بيعت ٿيڻ جي ترغيب ڏياريندو هو پر هي ان کي ٽاري ڇڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ بيعت کان پوءِ تہ ڏاڙهي رکڻي پوندي جڏهن تہ مان شادي کان پوءِ ئي ڏاڙهي جو سوچيندُس. 2005ء ۾ پاڪستان جي دار الحڪومت اسلام آباد ۾ صوبائي سطح تي اجتماع جو انعقاد ٿيو، جنهن ۾ جانشينِ اميرِ اهلسنت حضرت مولانا عبيد رضا عطاري مدني دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو بيان هو. اهو اسلامي ڀاءُ ان کي اجتماع ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ بيان ٻڌڻ جي دعوت ڏيڻ آيو پر هن صاف منع ڪري ڇڏيو. اهو اسلامي ڀاءُ مسلسل انفرادي ڪوشش ڪندو رهيو. بالآخر ان پنهنجي نہ وڃڻ جو سبب هي بيان ڪيو تہ جيڪڏهن اجتماع ۾ويس تہ مون کي تمام گهڻا ڪم ڇڏڻا پوندا جڏهن تہ في الحال مان اهڙو ڪجهہ نہ تو ڪري سگهان. ان اسلامي ڀاءُ حڪمت عملي سان ڪم وٺندي ان کي چيو: اوهان صرف بيان ٻڌڻ جي نيت سان اسان سان گڏ هلو، بيان ٻڌي واپس اچي وڃجو. ان هي ڳالهہ منظور ڪئي ۽ اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويو. جانشينِ اميرِ اهلسنت جو سنتن ڀريو بيان

ٿيو، عوام جي جمِ غفير جي سبب سان ان کي اجتماع کان پوءِ ٿورڙي دير جي لاءِ جانشينِ اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي زيارت ٿي. ٿورڙي دير جي زيارت ۽ بيان ٻڌڻ جي برڪت سان ان جي دل ۾ مدني انقلاب پيدا ٿي ويو. ان انهيءَ وقت سنت جي مطابق هڪ مُٺ ڏاڙهي شريف رکڻ جي نيت ڪري ڇڏي، پوءِ ان ڪان ڪڏهن به ڏاڙهي شريف نہ ڪترائي.

اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! تادمِ تحرير ڏاڙهي جي سنت سان مزين آهن. هي پنهنجي پنجن ڀائر مان سيني کان ننڍا هئا. ان جا سڀ ڀائر سنت جي مطابق هڪ مُٺ ڏاڙهي شريف جي سعادت کان محروم هئا، ان کي ڏاڙهي شريف رکندي ڏسي ڪري هڪ وڏي ڀاءُ چيو: هاڻي تنهنجي عمر ئي ڇا آهي، ڏاڙهي نہ رک. پر هي ثابت قدم رهيا بلڪ ان پنهنجي ڀائرن تي بہ انفرادي ڪوشش شروع ڪري ڇڏي. ٽن ڀائرن ڪجهہ ئي عرصي ۾ سنت جي مطابق ڏاڙهي شريف سجائي ڇڏي جڏهن تہ هڪ ڀاءُ ڪيترن ئي سالن جي انفرادي ڪوشش کان پوءِ ڏاڙهي شريف جي سنت چهري تي سجائي چڪا آهن ۽ سيئي ڀائر مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري اجتماعن ۾ شرڪت سان گڏوگڏ مدني قافلن جا مسافر بہ بڻجندا آهن.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! بيان جي برڪت سان ڏاڙهي شريف رکڻ جي جذبي سان سرشار ٿيڻ واري نوجوان نفس و شيطان کي ڪهڙي طرح ناڪام ۽ نامراد ڪيو ۽ ڏاڙهي شريف رکڻ ۾ رڪاوٽ ٿيڻ وارن کي بہ مدني رنگ ۾ رنگي ڇڏيو ۽ انهن کي بہ ڏاڙهي شريف رکڻ جي عظيم سعادت حاصل ٿي وئي. ياد رهي! ڏاڙهي ڪٽائڻ يا هڪ مٺي کان گهٽ ڪرڻ ٻئي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن. ڏاڙهي شريف جي باري ۾ هي سوچڻ تہ "مان هن جي قابل ناهيان" "اڃان منهنجي عمر ئي ڪيتري آهي" "شادي کان پوءِ رکندُس" وغيره وغيره وسوسن جي ڪاٽ ڪندي امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه فرمائن

ٿا: (اي اسلامي ڀاءُ!) انگريزي فيشن ۽ فرنگي(يورپي) تهذيب ڪي ٿي طلاقون ڏئي ڇڏ ۽ پنهنجو چهرو مني مني آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه سنت سان سينگاري ڇڏ ۽ هڪ مٺ ڏاڙهي سجائي ڇڏ. هرگز هرگز شيطان جي هن فريب ۾ نه اچ ۽ انهن وسوسن جي طرف توجه نه ڏي، ”هاڻي مان ان جي قابل نه آهيان، منهنجي عمر ئي ڇا آهي! منهنجو علم به ايترو ڪٿي آهي! جيڪڏهن ڪنهن دين جي باري ۾ سوال ڪري ورتو ته مون کي جواب نه ايندو مان ته جڏهن قابل ٿي ويندُس ان وقت ڏاڙهي رکندُس“ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: نفس جي (ان سڀ) حيلہ بازين ۾ نه اچ! ۽ مُڙي وڃ پلي ڪٽي ماءُ روڪي، پيءُ منع ڪري، معاشرو رڪاوٽ بڻجي، شادي ۾ رڪاوٽ ٿي وڃي. ڪجھ به ٿي وڃي الله پاڪ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حڪم مڃڻو، مڃڻو ۽ مڃڻو ئي آهي، تسلي رک! جيڪڏهن جوڙو لوح محفوظ تي لکيل آهي ته تنهنجي شادي ٿي رهندي ۽ جيڪڏهن نه لکيل هجي ته دنيا جي ڪا طاقت تنهنجي شادي نه ٿي ڪرائي سگهي. زندگي جو ڪهڙو ڀروسو؟ (نيڪي جي دعوت، ص. 555)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (4) بيان ٻڌي ڪري تائب ٿي ويا

سردار آباد (فيصل آباد) جي علاقي غلام محمد آباد جي هڪ نوجوان دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهريان بيوٽي پارلر ۾ ڪم ڪندو هو ۽ غفلتن ڀري زندگي گذاري رهيو هو. فيشن پرستي ۾ مبتلا ٿيڻ سان گڏ بري دوستن جي صحبت جو شڪار هو. لڙائي جهيڙو ڪرڻ ان جو معمول هو. دلي طور تي هي ان زندگي کان بيزار هو ۽ حقيقي سڪون ماڻڻ جي لاءِ بي قرار رهندو هو. هڪ ڏينهن بيوٽي پارلر ۾ ڪم ڪري رهيو هو ته ان جي نظر پنهنجي هڪ

سابقہ(پراڻي) دوست تي پئي جيڪو انهي وانگر تمام گهڻو ماڊرن نوجوان هو پر هن وقت ان جي چهري تي سنت جي مطابق ڏاڙهي شريف، مٿي تي سجيل عمامي شريف جو تاج ۽ بدن تي موجود اڇي لباس ان کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. سنتن سان آراستہ ان اسلامي ڀاءُ ان سان ملاقات ڪئي ۽ انفرادي ڪوشش ڪندي اسلام آباد ۾ ٿيڻ واري دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪئي. انفرادي ڪوشش ۽ ملاقات جي برڪت سان هي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويو. اتي جانشينِ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة سنتن ڀريو بيان فرمايو. اجتماع جي اختتام تي دعا بہ ٿي، جنهن سان ان جي دل کي سڪون مليو. ان روئي روئي پنهنجي گذريل گناهن کان توبهہ ڪئي بيوٽي پارلر کان جان ڇڏائي، آئنده گناهن کان بچڻ جو عهد ڪيو ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو. هي بيان ڏيڻ وقت بہ اهو مدني قافلي جو مسافر هو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (5) غير مسلم مسلمان ٿي ويو

صوبہ بلوچستان (پاڪستان) جي شهر ڪوئٽہ جي هڪ مدني اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ جون 2004ء ۾ ان کي جانشينِ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة سان گڏ سفر جي سعادت ملي. پاڻ هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مزار شريف جي زيارت ڪري واپس باب المدينہ (ڪراچي) تشريف ڪٽي اچي رهيا هئا. رستي ۾ هڪ جاءِ تي اوهان گاڏي روڪي ۽ ان کي پوئتي ڪرڻ لڳا. ٿورو پري هڪ نوجوان وٽ وڃي ڪري گاڏي روڪي، اهو پيدل ڪيڏانهن وڃي رهيو هو. اوهان ان کان پڇيو: ڪيڏانهن وڃڻو آهي. ان جواب ڏنو تہ حب چوڪي وڃڻو آهي. جانشينِ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة ان کي گاڏي ۾ ويهڻ جي دعوت ڏني جيڪا ان قبول

ڪئي. گاڏي هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي منزل جي طرف روانو ٿي وئي. ان نوجوان کان جڏهن نالو پڇيو ويو ته معلوم ٿيو ته اهو غير مسلم آهي. ان مدني اسلامي ڀاءُ ان کي چيو: تون مذهبِ اسلام جي باري ۾ ڇا ٿو چئين؟ ان جواب ڏنو ته اسلام ڏاڍو سٺو مذهب آهي. مدني اسلامي ڀاءُ چيو: جڏهن اسلام سٺو مذهب آهي ته پوءِ تون مسلمان ڇو نه ٿو ٿئي وڃي؟ ان تي ان غير مسلم چيو: مسلمان پاڻ ۾ ڏاڍو وڙهندا آهن، انهي جي لاءِ مان مسلمان نه ٿو ٿيڻ چاهيان. ان تي ان مدني اسلامي ڀاءُ چيو: هي ته ڪجهه مسلمانن جو پنهنجو فعل آهي، اسلام جي هي تعليم نه آهي، اسلام ته ڀائيچاري جو درس ڏيندو آهي. اهڙي طرح جي انفرادي ڪوشش جاري رهي پر اهو نوجوان پنهنجو باطل مذهب ڇڏڻ جي لاءِ تيار نه ٿيو. جڏهن جانشينِ اميرِ اهلسنت ان تي انفرادي ڪوشش ڪئي ته فرمايائون: جيڪڏهن گهر ۾ بجلي (Electric) جي فٽنگ (fitting) ڪئي وڃي پر بجلي جو ڪنڪشن نه ڪيو وڃي ته اتي لڳيل بجلي جو سامان بلب ۽ پکا وغيره ڪنهن ڪم ۾ نه ايندا. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪوئي ايمان آڻڻ جي بغير سڄي زندگي سٺا ڪم ڪندو رهي ته ان کي به اهي سٺا ڪم ڪو فائدو نه ڏيندا. جانشينِ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي انفرادي ڪوشش سان اهو ايترو متاثر ٿيو جو نه صرف ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويو بلڪ سلسله عاليه قادريه عطاريه ۾ مريد به ٿي ويو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (6) دم ڪيل صوف جي برڪت

تحصيل ڦاليه (ضلع منڊي بهاؤ الدين) جي علاقي سعد الله پور جا مقيم اسلامي ڀاءُ اولاد جي نعمت کان محروم هئا، حصول اولاد جي لاءِ ان حڪيمن کان به علاج ڪرايو پر مراد پوري نه ٿي سگهي. آخر ڪار ڪرم ٿيو ۽ الله پاڪ ان کي اولاد جي نعمت سان سرفراز فرمايو. سبب

ڪجهه هيئن ٻڌيو جو دعوتِ اسلامي جي علمي شعبي المدينة العلميہ سان وابستہ ان جي ڀاٽيجي جانشينِ اميرِ اهلسنت حضرت مولانا عبيد رضا عطاري مدني دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ کان صوف دم ڪرائي ان کي موڪليا، جيڪي ان ٻڌايل طريقي جي مطابق کاڌا. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ صوف کائڻ جي برڪت ظاهر ٿي ۽ جلد ئي ان کي خوشخبري ملي وئي ۽ ڪجهه عرصي ۾ ان جي گهر جو اڱڻ اولاد جي خوشنما گلن سان مهڪي ويو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تادمِ تحرير جانشينِ اميرِ اهلسنت جي دم ڪيل صوف جي برڪت سان اَللّٰه پاڪ ان کي هڪ ٻئي پنيان ٽن مدني منن سان نوازيو آهي.

منا منا اسلامي ڀائرو! هي تہ جانشينِ اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي دم ڪيل صوف جي هڪ مدني بهار آهي، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سوين اسلامي ڀائر اوهان جي دم ڪيل صوف جي برڪت سان صاحبِ اولاد ٿي چڪا آهن. ان ۾ اهڙن اسلامي ڀائرن جي بہ هڪ تعداد شامل آهي جو جن جي شادين کي ڪيئي سال ٿي چڪا هئا پر اهي اولاد جي نعمت کان محروم هئا. انهن جڏهن جانشينِ اميرِ اهلسنت کان صوف دم ڪرائي ٻڌايل طريقي جي مطابق استعمال ڪيا تہ رحمتِ الٰهي سان اولاد جي نعمت حاصل ٿي وئي. فَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ ذٰلِكَ

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عام ملاقات

باب المدينہ (ڪراچي) ۾ هجڻ جي صورت ۾ جانشينِ اميرِ اهلسنت اربع ۽ آچر جي ڏينهن عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي ۾ عصر کان مغرب عام ملاقات فرمائيندا آهن. ڪوڙ عاشقانِ رسول جن ۾ پاڪستان جي ڪيترن ئي شهرن پڻ بيرونِ ملڪ کان آيل

اسلامي ڀائر بہ شامل ٿيند آهن دست بوسي(هٿ چمڻ) جي سعادت حاصل ڪندا، دعا ۾ دم ڪرائيندا ۽ من جو مرادون ماڻيندا آهن ڀڻ اولاد جا خواهشمند صوف بہ دم ڪرائيندا آهن. اوهان بہ جيڪڏهن اولاد يا ڪنهن ٻئي مسئلي جي سبب ڪان پريشان آهيو تہ مايوس نہ ٿيو! فيضانِ مدينہ تشريف ڪٽي اچو. اللّٰہ پاڪ چاهيو تہ مصيبتون دور ۽ مشڪلون ڪافور ٿي وينديون.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (7) 24 سال پراڻو مسئلو حل ٿي ويو

اربع جي ڏينهن عام ملاقات ۾ دست بوسي (هٿ چومڻ) جو شرف ماڻڻ واري هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: مون جڏهن بہ جانشينِ اميرِ اهلسنت سان ملاقات ڪئي، دل کي ڏاڍو سڪون مليو. جنهن مقصد جي ڪاميابي جي نيت سان ملاقات جو شرف ماڻيو اهو مقصد بہ پورو ٿيو. اسان جو هڪ مسئلو ڪم و بيش 24 سالن ڪان حل نہ ٿي رهيو هو. مون دورانِ ملاقات جانشينِ اميرِ اهلسنت سان عرض ڪيو، دعا ڪرائي، اللّٰہ ڪريم جي فضل و ڪرم ۽ جانشينِ اميرِ اهلسنت جي دعا جر برڪت سان اهو مسئلو بہ حل ٿي ويو. هاڻي اسان ڏاڍا سڪون ۾ آهيون.
اللّٰہ پاڪ جانشينِ اميرِ اهلسنت ۽ دعوتِ اسلامي کي سلامت رکي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

